# سنڌجي اقتصادي تاريخ

ڊاڪٽر ايس. پي. چبلاڻي

سنڌي ادبي بورڊ

# سنڌ جي اقتصادي تاريخ

(١٥٩٢ — ١٨٤٣)

از
ڊاڪٽر ايس. پي. چبلاڻي

مترجم
سراج الحق

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ

نئون ڇاپو ١٩٩٥ع تعداد ٢٠٠٠

سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

[redacted]

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾، مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ناشر طرفان ٻه لفظ

هر ڪنهن ملڪ جون موجوده اقتصادي حالتون سندس ماضيءَ جي اقتصادي حالتن جو ارتقائي روپ آهن، انڪري اهي تيستائين پوريءَ طرح سمجهي ۽ سڌاري نٿيون سگهجن جيستائين ان جي ماضيءَ جي اقتصادي تاريخ جو مطالعو نه ڪيو ويو آهي. سنڌ جي ماضيءَ جي اقتصادي تاريخ تي هن وقت تائين ڪوبه مستند ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ نه لکيو ويو آهي. اها اهم ضرورت محسوس ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ، ايس.پي. ڇٻلاڻيءَ جي مشهور انگريزي ڪتاب، ”ايڪانامڪ ڪنڊيشنس ان سنڌ (١٥٩٢ع-١٨٤٢ع)“ جو سنڌي ترجمو شايع ڪري رهيو آهي. اميد آهي ته سنڌ جي اقتصادي حالتن کي سمجهڻ ۾، هي ڪتاب اقتصاديات جي شاگردن توڙي عالمن لاءِ بيحد ڪارآمد ثابت ٿيندو.

هن ڪتاب جي ترجمي جو اهم ڪم محترم سراج الحق ايم. اي. (ايڪانامڪس) سرانجام ڏنو آهي. محترم عثمان علي انصاريءَ، ڪتاب جي ڇپجڻ کان اڳ، ترجمي کي پنهنجي عالمانه نظر مان ڪڍيو آهي ۽ ان کي بهتر بنائڻ لاءِ مفيد مشورا ۽ رٿون ڏنيون آهن، جن لاءِ بورڊ سندس بيحد شڪرگذار آهي.

## فهرست


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| **باب پهريون** | |
| (تمهيد) | |
| کوجنا جو دور ۾ مقام | ۵ |
| معلومات جا ذريعا ۾ | |
| سندن خاميون | ۷ |
| **باب ٻيو** | |
| (سنڌ جي جاگرافي) | |
| تاريخ ۾ جاگرافي جي اهميت | ۱۱ |
| انسان ۽ ماحول | ۱۱ |
| سنڌ جي جاگرافي — | ۱۳ |
| طبعي خصوصيتون | ۱۳ |
| مرڪزي بيهڪ | ۱۴ |
| آبهوا | ۱۵ |
| سنڌوندي۽ سندس اثر | ۱۵ |
| ٻوڏون | ۱۶ |
| وبائون | ۱۷ |
| حاصل مطلب | ۱۸ |
| **باب ٽيون** | |
| (تاريخي پس منظر) | |
| مغلن کان ٽالپرن تائين | ۲۲ |
| مغل | ۲۲ |
| دائود پوٽا | ۲۳ |
| ڪلهوڙا | ۲۳ |
| ٽالپر | ۲۸ |
| **باب چوٿون** | |
| (انگريزي راڄ کان | |
| اڳ آبپاشي) | |
| سنڌو درياه جون خصوصيتون | ۳۱ |
| زمين جي عام سطح | ۳۲ |
| آبپاشي جا طريقا | ۳۴ |
| آبپاشي جي تاريخ | ۳۶ |
| نورمحمد ڪلهوڙي جا ڪوٽائيل واه | ۳۸ |
| ٽالپرن جي وقت ۾ آبپاشي | ۳۹ |
| حاصل مطلب | ۴۰ |

| مضمون | صفحو |
|---|---|
| **باب پنجون** | |
| (کيتيءَ جو سرشتو) | |
| فصلن جون مندون | ٤٤ |
| زرعي پيداوار | ٤٦ |
| باغ ۽ سندن پيدائش | ٤٨ |
| زرعي اوزار | ٥١ |
| گاهه | ٥٢ |
| زراعت جا لاڙا | ٥٣ |
| مجموعي نتيجا | ٥٤ |
| آبپاشي ۽ زراعت | ٦٠ |
| زمين جي ڊيل | ٦٣ |
| **باب ڇهون** | |
| (آدم شماري، واپار ۽ صنعت جا مرڪز) | |
| سنڌ جا شهر ۽ قصبا | ٧٣ |
| (ڀاڱو پهريون) | |
| ٺٽو | ٧٣ |
| نصرپور | ٨١ |
| سيوهڻ | ٨٢ |
| ٻکر، روهڙي ۽ سکر | ٨٤ |
| لهري بندر | ٨٦ |
| ٻيا شهر | ٨٧ |
| (ڀاڱو ٻيون) | |
| شڪارپور | ٨٩ |
| حيدرآباد | ٩١ |
| ڪراچي | ٩٢ |
| ٻيا شهر | ٩٤ |
| حاصل مطلب | ٩٥ |
| **باب ستون** | |
| (صنعت، واپار جا لاڙا ۽ سندن تنظيم) | |
| (ڀاڱو پهريون) | |
| تاريخي ڇڪاس | ٩٧ |
| (ڀاڱو ٻيون) | |
| عام لاڙا | ١٠٢ |
| عام رايا | ١٠٣ |
| (ڀاڱو ٽيون) | |
| صنعتون | ١١٢ |
| ڪپڙي جي صنعت | ١١٣ |
| خاصيت | ١١٥ |
| طلب | ١١٥ |
| پيداوار جو مقدار | ١١٦ |
| ريشم جي صنعت | ١١٩ |
| اوني ڪپڙي جي صنعت | ١٢١ |
| ڪپڙي جي صنعت جو زوال | ١٢٢ |
| نير | ١٢٣ |

| مضمون | صفحو |
|---|---|


(پاڳو ٻيو)

مغلن جي ڏينهن ۾ سنڌ
جي آدم شماري ١٩٢
پوک هيٺ ايراضي ١٩٥
سنڌ جا شهر ٢٠٣
ڪل شهري آدم شماري ٢٠٣


## باب نائون


معيار زندگي ٢٠٨
قومي آمدني ٢٠٨
عام ماڻهو ٢٠٩
وچولو طبقو ٢١٣
مزوري ٢١٤
رواجي ۽ هنرمند مزوري ٢١٦
فهرست ٢١٧
فوجي سپاهي ٢١٩
اميرانو طبقو ٢٢٠
کاڌو، اجهو ۽ ڪپڙو ٢٢٠
گهر ٢٢٨
پوشاڪ ٢٣٣
تفريح ۽ وندرون ٢٣٥


## باب ڏهون


حرف آخر ٢٤١
ضميمو- الف ٢٤٧

تاريخي واقعا ٢٤٧
ضميمو — ب ٢٥٦
ٺٽي جو بنياد ٢٥٦
ضميمو — ج ٢٦٦
ڊلپرن جي فوجي طاقت ٢٦٦
ضميمو — د ٢٦٧
ڍلن جو سرشتو ٢٢٧
آمدني ۽ ڍلون ٢٦٧
ٻيا محصول ٢٦٩
ضميمو — ه ٢٧٢
درآمد ۽ برآمد ٢٧٢
ضميمو — و ٢٧٧
ڪتابن جي فهرست- ٢٨١
ضميمو پهريون- ٢٩١
ضميمو ٻيو- ٢٩٢
ضميمو ٽيون- ٢٩٣
ضميمو چوٿون ٢٩٤

سنڌ جو عوام- هاري، ڪمي ڪاسبي، پورهيت ۽ ڪاريگر- انهيءَ طبقاتي چڪتاڻ ۾ لتاڙبو پيسجندو رهيو. هر ملڪ جي معاشي تاريخ مان اهو سبق ملي ٿو ته جديد دور ۾ جيسين جاگيرداراڻو يا جاگيردراڻو نظام معاش قائم رهندو، تيسين اهو ملڪ صنعتي نوڙي سماجي ترقي ڪري ڪين سگهندو. ايشيا جي گهڻن ملڪن جي معاشي بدحالي ۽ صنعتي انحطاط جو وڏو سبب جاگيرداراڻو نظام معاش آهي. انهيءَ ڪري:

جيڪڏهن سنڌ ۾ صنعتي ترقي، ۽ جديد سماجي عروج ايندو ته فقط تڏهن جڏهن جاگيرداري نظام معاش جا پير اکڙندا.

دنيا جون بدلجندڙ حالتون، نوان دور ۽ سماجي ارتقا جو احتجاج - اهي سموريون چيزون اهائي تقاضا ڪن ٿيون ته سنڌ کي آسودي ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ سنڌ جي نظام معاش کي آزاد ڪرايو وڃي- ان لاءِ عوامي قوتن کي سجاڳ ڪري جاڳائڻ، سنڌ جي سياستدان جو پهريون فرض آهي، پر ڪابه سياسي تحريڪ تيسين ڪامياب نه ٿيندي جيسين اها تحريڪ عوام جي معاشي، سماجي ۽ تمدني ضرورتن کي سياسي ضرورتن سان گڏوگڏ پنهنجي پيش نظر نه رکندي. اهو ڪم اسان جي هن معاشي اپياس جي دائري کان ٻاهر آهي.

ڪراچي
١٢ جولاءِ ١٩٥٧ع

سراج الحق

بي. بي آڏوالڻيءَ به مون کي ڪافي مدد ڏيئي پنهنجا ٿال پلايا آهن. آخر ۾، آءٌ پنهنجي شريڪ حيات جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي هر موقعي ۽ هر قدم تي انتهائي خلوص ۽ ٻيڪدليءَ سان مدد ڪئي آهي.

٥، رامڪشور روڊ
سول لائينس، دهلي.

**ايس. پي. ڇبلاڻي**

# باب پهريون

## تمهيد

”اسي في صدي لکيل تاريخ، مصر جي اشڪال نويسن وانگر، رڳو مذهبي اڳواڻن ۽ بادشاهن جي عظيم ڪارنامن جي ساراهه سان پري پئي آهي.“ (۱) تاريخ مان اڪثر مراد هوندي ورتي ويئي آهي ته ان ۾، هڪ روزنامچي طور، رڳو سياسي ۽ فوجي واقعن جي وچور ڏني وڃي، ۽ منجهس، محض بادشاهن ۽ وزيرن، جنگين ۽ حڪومتن جا داستان ۽ افسانا بيان ڪيا وڃن. هر ڪنهن تاريخ نويس پنهنجيءَ پر ۾، گذريل زماني کي سمجهائڻ ۽ ان جي تعبير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ان جي ڪن خاص صورتن تي زياده زور ڏيڻ سبب، انهن هميشه ان جا ٻيا ڪيترا پهلو نظر انداز پئي ڪيا آهن. جامع تاريخ لاءِ، ”تحقيق ۽ کوجنا جا، جيڪي علمي ۽ ادبي طريقا ۽ صلاحيتون لازمي آهن، سي سڀئي ڪنهن هڪ مورخ کي هڪئي وقت، بدرجهء اتم ميسر هجن: زندگيءَ ۾، اهو حسن اتفاق تقريباً ناممڪن آهي.“ (۲) مشهور تاريخ نويس گبن کي، هڪ حيثيت ۾ 'ڪامل مورخ' سڏيو ويو آهي؛ پر، ڪٿي ڪٿي، خود هن به تاريخي حقيقتن کي ظاهر ظهور غلط انداز ۾ پيش ڪيو آهي؛ ۽ سندس باري ۾ اڪثر عالمن جو رايو اهوئي آهي ته هن ”بادشاهن جا، ضرورت کان زياده، ويهي بيان ڪيا آهن.“ (۳)

گذريل زماني جي مري کپي ويل بادشاهن جي تاريخ جو مطالعو واقعي هڪ بيسود مشغلو ٿيندو، جيڪڏهن ان مان رڳو هي به معلوم نه ٿي سگهي، ته حال ۽ ماضيءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو رشتو

(۱) ول ڊيورانٽ، ”مئنشنس آف فلاسافي“، ص ۳۰۶.

(۲) ٽريوليان، هئمرٽنس- ”يونيورسل هسٽري آف سنڌ“، ص ۲۰.

ول ڊيورانٽ، ص ۳۰۶.

سنڌ جي ڪابه لاڳيتي اقتصادي تاريخ هيستائين ڪانه لکي ويئي آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي فقط اڍائي صدين (١٥٩٢ع کان ١٨٤٣ع تائين) جي اقتصادي تاريخ کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. زراعت، صنعت ۽ ڪاريگري، ۽ واپار سنڌ جي رهواسين جا هميشه خاص ڌنڌا ٿي رهيا آهن. اهي ڌنڌا ئي آهن، جي سنڌ جي اقتصادي تاريخ جا مکيه جزا آهن؛ ۽ اسان جو مقصد به اهوئي آهي ته انهن تنظيمن ۽ سندن هڪٻئي سان ڳانڍاپي جو اڀياس ڪجي، جن هن پرڳڻي کي تضاد جي زمين بنائي ڇڏيو آهي: اها زمين، جا انهيءَ ڪشمڪش جي دور ۾، مختلف مرحلن تي، ڪڏهن جنگ ته ڪڏهن امن، ڪڏهن ٿاڀر ته ڪڏهن فساد، ڪڏهن آسودگي ته ڪڏهن مفلسيءَ جو گهر ٿي رهي آهي. ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ اوڻيهين صديءَ جي اوائل ۾ جڏهن انگريز واپارين ۽ سياسي ايجنٽن هن پرڳڻي ۾ پير پاتو، تڏهن هنن اهڙو ملڪ ڏٺو، جو پوئتي پيل ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هو، جنهن تي هڪٻئي سان وڙهندڙ جهيڙاڪ شهزادن ۽ بدنيت جاگيردارن جو راڄ ۽ قبضو هو، ۽ جنهن جي قديم سوڀيا ۽ دولت جڻ ته ڪو چورائي ويو هو. اها سنڌ برٽن جي لفظن ۾ "سنڌو درياءَ جي ڏکويل وادي" بنجي ويل هئي. انهن انگريزن جي تحريرن هڪڙو عام پر گمراهه ڪن اثر پکيڙي ڇڏيو ته سنڌ، هميشه کان، هڙين ۽ شڪارگاهن، ٻيلن ۽ جهنگلن سان ڍڪيل هڪ ملڪ آهي، جنهن ۾ ڪو نالي ماتر واپار، صنعت ۽ ڪاريگري به نه ٿي رهي آهي؛ ان ۾ ڪنا ۽ گندا شهر آهن، جن ۾ فقيرن ۽ پينن جي ٽولين کان سواءِ ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪين ايندو؛(١) ان جا حاڪم سواءِ وڙهڻ، شڪار ڪرڻ ۽ پنهنجي عقيدن جي پرچار ڪرڻ کان سواءِ ڪو ڌنڌو ڪين ڄاڻن؛ - هڪ اهڙو ملڪ، جنهن جا ماڻهو، "جاهل، جٽ، مغرور، بي صبر، جهيڙاڪ ۽ پوئتي

---

(١) بوسٽنس، "پرسنل آبزرويشنس"، ص ١٠.

۽ انهن جي نوعيت جو دارومدار به سنڌ س طبعي بيهڪ تي ئي آهي.

هر ڪنهن قوم جي ماڻهوءَ جي جسماني بناوت ۽ مزاج تي، ملڪ جي آب و هوا جو وڏو اثر آهي. نه رڳو ايترو، پر آب هوا سندن ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ اورچائيءَ تي به وڏو اثر ڪري ٿي. مثال طور، ٿڌن ملڪن جا ماڻهو جاندا ۽ اورچ ٿين ٿا ۽ گرم ملڪن جا ماڻهو وري سانتيڪي ۽ آرام پسند زندگي گذارين ٿا.

جيتوڻيڪ ماحول جي اثر کي ريتي ٿو سگهجي، ان هوندي به اهو وسارڻ نه گهرجي ته انسان وٽ به ارادي ۽ عزم جي قوت آهي؛ ۽ هو هميشه انهيءَ ڪوشش ۾ رڌل رهيو آهي ته جيئن پنهنجي ماحول جي قوتن تي قابض ٿي وڃي. جن تڪليفن ۽ رنڊڪن هن جي اڳتي وڌڻ قدم کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن تي قابو پائڻ لاءِ انسان هميشه کان اتڪ ۽ اورچ ٿي قدرت سان وڙهندو رهيو آهي. جئن جئن انسان ماحول تي قابو پائيندو وڃي، تئن تئن زندگيءَ جي واقعن تي ٻاهرين طبعي حالتن جو اثر گهٽبو وڃي.(١) هندستان جا رهواسي اڃا تائين ماحول تي ايڏي قدرت حاصل ڪري نه سگهيا آهن، جيتري مغربي ملڪن جا ماڻهو حاصل ڪري چڪا آهن. انڪري، ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾، هندستان جي تاريخ تي سنڌس طبعي بيهڪ ۽ بناوت جو اثر گهڻو وڌيڪ پئي رهيو آهي. هندستان جي جبلن ۽ دريائن جو، سندس اقتصادي زندگيءَ تي ڪافي گهرو اثر آهي. هتي جي ماڻهن جي اقتصادي زندگيءَ تي هماليه جبل ڇانيل آهن؛ هتي جون زبردست نديون، سنڌو ۽ برهمپترا، گنگا ۽ جمنا، جي هندستان جي وسيع ميدانن کي زرخيز بنائين ٿيون، انهن جبلن مان ئي نڪرن ٿيون؛ ملڪ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ، زمينن جي درجيوار زرخيزيءَ، ڍلن جي سرشتي

(١) ول ڊيورانٽ، ص ٣٢٠.

۾ ڪامياب ڪون ٿيو، ۽ چون ٿا ته اتي ئي سنڌو درياءَ جي ڪناري تي ٺٽي جي ويجهو وفات ڪيائين. ڪجهه سالن کان پوءِ (١٣٦٠ع ۾) سندس جاءِ نشين بادشاهه، فيروزشاهه، سنڌ صوبي کي فتح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ سنڌ دهلي شهنشاهت جو حصو بڻجي وئي؛ (١) پر جلدئي سما ڀيهر زور وٺي ويا - ۽ وري سڄي صوبي جي حڪومت هٿ ڪري ورتائون. سمن ڏاڍي سياڻپ سان ۽ سهڻي نموني حڪومت هلائي - ۽ مجموعي طرح ڏسجي ٿو ته هنن جي حڪومت نهايت ڪارائتي حڪومت هئي. هنن کيتيءَ، ڪارخانن ۽ واپار جي همت افزائي ڪري صوبي کي ڪافي ترقي ڏياري؛ ڪيترائي نوان شهر ٻڌايائون، ۽ هنن جي راڄ ۾ ملڪ ايترو ته سکيو ۽ آسودو هو، جو انهيءَ دور کي سنڌ جي مقامي راڄ جي تاريخ ۾ ”سونهري دور“ سڏيو ويندو آهي. (٢)

١٥٢١ع ۾ قندار جي هڪ پٺاڻ قبيلي (ارغونن) سمن کي جيتي، پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. هنن جو راڄ به ٿورو وقت جالي نه سگهيو، ۽ ڪانئن، ١٥٥٤ع ۾، سندن برادريءَ جي ئي هڪ قبيلي (ترخانن) حڪومت هٿ ڪئي. (٣) انهيءَ کان هڪ سال پوءِ، پورچوگيزن هڪ فوجي دستي ”پيڊرو بئريٽو رولم“ جي اڳواڻيءَ هيٺ ٺٽي تي حملو ڪيو، ۽ ٻن لکن پائونڊن کان به وڌيڪ ملهه جي مال ملڪيتن کي باهيون ڏيئي تباهه ڪري ڇڏيائون. پورچوگيز پاڻ سان ايترو ته مال غنيمت کڻي ويا، جو ايشيا ۾ شايد ئي ڪنهن قوم کي ايترو مال غنيمت هٿ آيو هجي. (٤)

---

(١) سمٿ، ص ٢٤٧.
(٢) هيگ، ص ٨٣.
(٣) ايٽڪن، ص ١٠٣.
(٤) هيگ، ص ٩٨.

ويٺي. اهو ڏسي نيٺ سنڌ جي هڪ مقامي طاقتور قبيلي ڪلهوڙن پنهنجي خود مختياريءَ جو اعلان ڪيو. (١) انهيءَ طرح هندستان مان مقرر ٿيل ايندڙ گورنرن بدران مقامي حاڪم سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳا، پر انهن حاڪمن جي طاقت ۽ خود مختياريءَ جو دارومدار هندستان جي بادشاهه تي هوندو هو. جي ڪو بادشاهه مضبوط ۽ طاقتور هوندو هو ته سنڌ جا حاڪم مجبوراً هن جا مطيع ٿي گذاريندا هئا، ۽ جي ڪو ڪمزور بادشاهه ڏسندا هئا ته هڪدم خود مختياريءَ جو اعلان ڪندا هئا. سنڌي حاڪم انهيءَ طرح پنهنجي گهر جا گويا اڌو گابرو مالڪ هئا: هڪ طرف، ڪين وقت بوقت پنهنجي مٿين حاڪمن کي ڍلن طور ڳريون رقمون ادا ڪرڻيون پونديون هيون: ٻئي طرف جڏهن به ڏسندا هئا ته دشمن جي خطري کان ڪجهه محفوظ آهن ته ڍلن ڏيڻ کان هڪدم ٻڙ ڪڍي ويهي رهندا هئا. (٢)

داؤد پوٽا: جنهن عرصي اندر اڪبر پنهنجي شهنشاهت کي قائم ۽ مضبوط ڪيو ــ ۽ نادرشاهه وري انهيءَ شهنشاهت کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو، ان عرصي اندر داؤد پوٽن جو هڪ مقامي قبيلو اتر سنڌ ۾ زور وٺندو رهيو. هنن جو ڌنڌو ته اُٺ ۽ رلڻ هو، پر جنهن عقلمنديءَ سان هنن تلوار کي استعمال ڪيو، تنهن جو داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي. ١٦١٧ع ۾ شڪارپور شهر جو بنياد وڌائون، جو اوڻهين صديءَ ۾ بمبئي کان به گوءِ کڻي ويو ۽ اتر هندستان ۽ وچ ايشيا جي ملڪن سان واپار جو مکيه مرڪز بڻجي ويو.

ڪلهوڙا: سترهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ داؤد پوٽن سان گڏوگڏ اتر سنڌ ۾ ڪلهوڙن به زور ورتو. هنن جو ڌنڌو فقيري هو ـ ۽ ٿوري ئي وقت ۾ چڱا پوئلڳ گڏ ڪري ورتائون؛

(١) سورلي، ص ٩.

(٢) سورلي، ص ٩.

ڪري جنجي ٿو ته سنڌ ۾ آبپاشيءَ کي اقتصادي حياتيءَ ۾ هڪ فخر ڪرڻ جهڙي جاءِ حاصل آهي، ۽ آبپاشي هڪ بنيادي چيز آهي. سنڌ ۾ ڪلهوڙا خاص ڪري واهن جي کوٽائيءَ، مرمت ۽ صفائيءَ تي گهڻو ئي خرچ ڪندا ۽ ڀون تڪليفون وٺندا هئا. مسٽر لئمبرڪ جو اهو قول سچ کان خالي نه آهي ته ميان نورمحمد تي نادر شاهه، ١٧٣٩ع ۾ جيڪو ٢٠ لک روپيه ساليانو ڏن رکيو هو ۽ جنهن کي ڪيترن سالن تائين احمد شاهه ابدالي وصول ڪندو رهيو، ۽ ميان غلام شاهه ۽ سندس جانشين جون زبردست لڙايون ڏيکارين ٿيون ته سنڌ جو خزانو گهڻو ئي ڀريل هو" (١) انهيءَ ڪري ڪلهوڙن واهن ذريعي آبپاشيءَ تي ڌيان نه ڏيڻ جي غلطي نه ڪئي، ڇو ته هنن محسوس ڪيو ته ملڪ جي خوشحاليءَ ۽ سرڪاري ڍلن جي سلامتيءَ جو دارومدار ئي ان تي آهي.

---

(صفحي ٤١ تان آندل)

(پ) واهن ۽ ڪڙين کي هڪ ٻئي سرشتي ۾ ڳنڍڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي وئي هئي،

(ٻ) ميرن جي واهن ۾ ٻيهڪ جي صفائي ڪانه هئي،

(٢) سورلي ص ص ١٢٩، ١١٢، ١١٣.

(١) لئمبرڪ، جي- ايس- ايچ- ايس جلد ٣ ڀاڱو ١، ص ١٨

زمين جاگيرن کان سواء سراسري طرح الڪل ١٣٤١٨ لک ايڪڙ هئي.

انهيءَ طرح اسان کي خبر پئي ٿي ته سنڌ جي زرعي پيداوار جي قوت مغلن جي وقت ۾ چڱي عروج تي هئي. اوائلي ڪلهوڙن جي دور ۾ اها اڃا به وڌيڪ بلنديءَ تي پهچندي وئي ـــ ۽ ان کان پوءِ ان جو زوال شروع ٿيو، ٽالپرن جي وقت ۾ وڃي ٽري ني پهتي. انگريزن جي راڄ ۾ زراعت جي ايراضي وڌندي ويئي ـــ ۽ ٢٩–١٨٢٨ع(١) ۾ ساڳي ڪلهوڙن واري بلندي يعني ويهن لکن ايڪڙن تائين وڃي پهتي. اهو وڌندڙ لاڙو اڃا به وڌي رهيو آهي ـــ ۽ ٣١–١٩٣٠ع(٢) ۾ زير زراعت ايراضي ٣٦٦٤ لکن ايڪڙن تائين پهتي ـــ ۽ ان سال کان پوءِ نئين سکر براج جي تيار ٿي وڃڻ جي ڪري انهيءَ ايراضيءَ ۾ اڃا به ٻين ڏهن لکن ايڪڙن جو اضافو ٿيو آهي.

---

(١) براج جي مڪمل ٿيڻ واري رپورٽ ٣٢–١٩٣٣ع موجب، جلد ١، ص D ان کان اڳئين عرصي لاءِ انگ اکر موجود ڪين آهن ۽ اهو ظاهر ڏسڻ ۾ ايندو ته اميرن کي وڏيون جاگيرون عطا ٿيل هيون ۽ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ اهي رد ڪيون ويون.

(٢) چوڻبڊ - ج ١٨٧٤ ص ٥.

ٻيا شهر:- ڪنڊيارو، ٺرڙ ۾ ڀيلو، ڳمبٽ، ٻوبڪ ۽ سن به صنعتي شهر هئا. اهي شهر يا ته درياءَ جي ڪناري تي هئا، يا درياءَ جي ويجهو ئي ڀرسان هئا. اهي شهر جيتوڻيڪ ننڍا هئا، ۽ هر هڪ جو جدا جدا بيان ضروري نه آهي، تڏهن به پرڳڻي جي معاشي زندگيءَ ۾ چڱو حصو ورتائون: ڪنڊياري، درٻيلي ۽ ڳمبٽ ۾ سٺو سوٽي ڪپڙو تيار ٿيندو هو، جنهن جا ڪي نمونا ته نصرپور کان به سٺا ٿيندا هئا. ٻوبڪ، سن ۽ سيوهڻ نير ٺهڻ جا مکيه مرڪز هئا. اهي شهر جيتوڻيڪ ننڍا هئا، تڏهن به يورپي واپارين کي انهن تي ڌيان ڏيڻو پيو ۽ هو اڪثر انهن شهرن ۾ خريداري يا وڪرو ڪرڻ لاءِ پنهنجن گماشتن کي پيا موڪليندا هئا. جيستائين، سنڌ صنعتون ترقيءَ تي هيون، تيستائين شهر به وسيل ۽ آباد هئا، پر ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري سڄيءَ سنڌ تي زوال اچي ڪڙڪيو ۽ انهيءَ ۾ هنن شهرن جو به اهوئي حال ٿيو. اڄ تائين اهي شهر موجود آهن، پر هاڻ فقط وڏيرڙا ڳوٺ آهن، جن مان اڳوڻي دولت ۽ اهميت موڪلائي ويئي آهي.

وڏا مرڪز هئا. اول الذڪر شهرن، ان دور ۾ صوبي لاءِ نه رڳو سنڌس پهنجي معاشي تاريخ ۾، بلڪ هندستان ۽ پوري مشرق ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيو. ننڍي، ڏکڻ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ، جڏهن پنهنجي اوج تي هو، تڏهن هندستان جي اول درجي جي شهرن ۾ شمار ٿيندو هو. ان جي برعڪس حيدرآباد ايترو ڳنڍو ۽ سڄو شهر هو "جو هندستان جي ٽئين درجي جي شهرن جي مقابلي ۾ به هيچ هو." حقيقت ۾ انگريزن جي فتح تائين - پوري هڪ صديءَ ۾ سنڌ ۾ اهڙو هڪڙو شهر به نه هو، جو ننڍي سان پڪيڙ ۽ آدمشماريءَ ۾، نصرپور سان صنعت ۽ سونهن ۾، ۽ لهري بندر سان بحري ڪارناس ۾ مٽ ٿي سگهي. جن پراڻن شهرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن کي ڏکهي حياتي حاصل ٿي هئي، ۽ سندن پاڙون صنعت ۽ واپار جي لحاظ کان نهايت پختيون هيون - پر ڏاڍپڻ ۽ ٻوين ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ نوان شهر اچا ٻالاپڻ ۾ مس هئا. جيتوڻيڪ اڳين شهرن جي ڦٽي وڃڻ جا ڪي خاص سبب هئا، ان هوندي به، مجموعي طرح ڏسبو ته سڀني پراڻن شهرن جي هڪ ئي وقت زوال ۾ اچڻ جو سبب ملڪ جو مجموعي تنزل هو - ۽ جيڪي سبب قدير شهرن جي زوال لاءِ جوابدار هئا، سي نون شهرن جي اوسر ۽ ترقيءَ لاءِ ڪنهن به طرح فائديمند بلڪل نه هئا.

# باب ستون

## صنعت ۽ واپار جا لاڙا ۽ سندن تنظيم

### پاڱو پهريون

## تاريخي ڇنڊڇاڻ

سنڌ جي واپار ۽ تجارت جي ڪهاڻي تاريخ کان به پراڻي آهي، ۽ تاريخي دور کان به اڳ ۾ مغرب توڙي مشرق جي ملڪن سان سنڌس واپاري ناتا رهندا پئي آيا آهن. سنڌس جاگرافيائي يا طبعي بيهڪ، سنڌس قدرتي وسائل ۽ سنڌس ماڻهن جي محنتي طبيعت جي ڪري سنڌس انهيءَ واپاري ناتن کي هٿي پئي ڏني آهي. موهن جي دڙي جون کوجنائون، قديم ڪتاب، مؤرخن جا احوال ۽ جديد لکندڙن جا بيان — سڀ انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا. جڏهن اسين تاريخي دور تي اچون ٿا ته پتو پوي ٿو ته عربستان ۽ ايران سان سنڌ جو وسيع واپار هلندو هو — ۽ سنڌ جو دوآبي بندر ديبل، مغربي ملڪن سان هندستان جي واپار جو مکيه مرڪز ۽ مارڪيٽ هوندو هو. (۱)

اسلام جي حملي جون پهريون نشانو سنڌ ملڪ بڻيو، ۽ ۷۱۲ع ۾ جڏهن عربن سنڌ کي پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو، ان کان پوءِ به سنڌ جو واپار خشڪي توڙي بحري رستي جاري رهيو. (۲) ايلئٽ انهيءَ خيال جو آهي ته عربن جي حڪومت ۾ سنڌ جي باقي مسلمان ملڪن سان باقاعدي واپاري ناتا قائم رکندي آئي؛ ۽ سنڌ ۽ خراسان جي وچ ۾ ڪابل ۽ باميان جي رستي، ۽ سنڌ ۽ زابلستان ۽ سيجستان جي وچ ۾ غزنيءَ ۽ قنڌار (۳) جي رستي مال سان ڀريل قافلن جا قافلا پيا ايندا ويندا هئا. اهو رڳو ايلئٽ جو خيال ڪونهي، پر ڏهين صديءَ کان ٽيرهين

---

(۱) مئڪمردو، هسٽري آف سنڌ، ص ص ۲۹
(۲) ايلئٽ، ۱، ص ۳۲۷
(۳) ايضا

ڪم آندا ويندا هئا. خچرن کان بہ باربرداريءَ جو ڪم ورتو ويندو هو.

مجموعي طرح، سنڌ جو چوپايو مال سموري هندستان جي بهترين چوپائي مال منجهان ليکيو ويندو هو.(١) ۽ گهٽيءَ پيدائش ۽ عمدي قسم جي کير کان مشهور هو. ملڪ اندر ۽ ملڪ کان باهر چوپائي مال جي ڪافي طلب هوندي هئي. کير جي پيدائش ۾ ملڪ نہ رڳو خودڪفيل هو، پر ڪافي بچت ٿيندي هئي. انهيءَ لاءِ ڪافي ثابتيون موجود آهن تہ ماڻهو ڪرڻ ۽ چوپايو مال ۽ ٻيا جانور ـــ اٺ ۽ رڍون، گهوڙا، گڏهہ ۽ خچر پالڻ، سنڌ جي ڪافي ماڻهن جو ڌنڌو ۽ روزگار جو ذريعو هوندو هو.

**چمڙي جو سامان.** مغلن ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سنڌ پنهنجي عمدي چمڙي جي سامان کان مشهور هئي. ملڪ ۾ رڍون ۽ ٻيو چوپايو مال جام هو. هتي جا مسلمان گوشت تمام گهڻو واپرائيندا هئا ـ انهيءَ ڪري هتي کلون تمام سستيون ۽ گهڻيون دستياب ٿي سگهنديون هيون. ايتريقدر جو ”ڪيترن بندرن ڏانهن کلن جا جهازن جا جهاز ڀرجي ويندا هئا.“(٢) وينس جو وينل سياح ۽ سوداگر منوڪي لکي ٿو تہ ٺٽي جي صوبي ۾ ”چمڙو تمام گهڻو ٺهندو هو جو عرب ۽ ايران جي ملڪن ڏانهن برآمد ڪيو ويندو هو.(٣) سنڌ چمڙي جو ڪافي برآمدي واپار حاصل ڪري چڪي هئي.“ ان عرصي جي لکندڙن مان پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جو چمڙو نهايت عمدي قسم جو هو. وان آرلچ لکي ٿو ”سنڌ جو چمڙو هندستان جي بهترين قسمن مان آهي ـ ۽ نرمائي ۽ پائداريءَ ۾ يورپ جي چمڙي کان ڪنهن بہ

(١) وڻنگٽن ـ فاسٽرس ارلي ٽريولس، ص ٢١٨
(٢) يوسٽس، ص ١١١
(٣) اينڪن، گزيٽيئر، جلد الف، ص ٦٥٣

طرح گهڻ کين آهي." (١) سنڌ بابت هڪ جديد مستند لکندڙ ايٽڪن به انهيءَ راءِ جي تائيد ڪري ٿو. (٢)

سنڌ مان کلون رڳو ڪچي مال جي صورت ۾ ٻاهر کين اماڻيون وينديون هيون- پر مغلن ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ چمڙي رڱڻ جو هنر به چڱي ترقي ڪري چڪو هو، ۽ چمڙي جا رنگريز پنهنجي هنر ۾ ڪافي مهارت ۽ لياقت رکندا هئا. مانريق به سنڌ جي "خوبصورت چمڙي" جو ذڪر ڪيو آهي، جو اونهاري ۾ ميزپوشن، ديوار پوشن ۽ بسترن جي گاديلن ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو هو. (٣) لنشوٽن به لکي ٿو ته "سنڌ جا ماڻهو عاليشان قسم جو چمڙو تيار ڪن ٿا- جنهن تي وري سيني رنگن جي ريشم سان ڀرت ڀريو وڃي ٿو. هندستان ۾ بسترن ۽ ميزن مٿا غاليچن جي بجاءِ انهيءَ چمڙي جي چادرن کي وڇائڻ وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو." (٤) چمڙو ڪيترن ئي ڪمن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو (٥) جهڙوڪ گهوڙن ۽ اٺن لاءِ زينون، سنج، پنج سنجي تيار ڪرڻ، ۽ ڍالون، زبان، دستانا ۽ بوٽ، پخالون ۽ گيهه مکڻ لاءِ مرتبان ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو هو. (٦) ائين ٿو ڀانئجي ته اڄ جي ڀيٽ ۾ اڳي سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ چمڙو وڌيڪ استعمال ڪيو ويندو هو؛ ۽ هيءَ صنعت چڱيءَ طرح چمڪي ۽ آسودي حال ۾ هئي.

**مڇي:** سنڌ کي پنهنجو ڪافي ڪشادو سامونڊي ڪنارو آهي ۽ منجهانئس سنڌو درياءَ اتر اوڀر کان ڏکڻ اولهه ڏانهن وهي

---

(١) وان آرلچ، ٽريولس ان انڊيا، ص ١٠١
(٢) ايٽڪن، گزيٽئر، جلد الف، ص ٣٩٠
(٣) مانريق، جلد ٢٠، ص ٢٣٩
(٤) سورلي جي حوالي سان، ص ٩٨
(٥) پوسٽنس، ص ٢٦
(٦) هئملٽن، ص ٧٦- هو انهن کي "دٻا" ٿو سڏي.

هيون. انهيءَ دور جي روزنامچن لکندڙن جي احوالن مان
صنعتن جي تنظيم جي نموني بابت تمام گهڻ معلومات ملي ٿي،
پر انهن جا آثار اڃا به موجود آهن، ۽ ڇاڪاڻ ته ان دور ۽
اڄڪلهه جي وچ واري دور ۾ انهن جو سلسلو جهڙو هو، تهڙو قائم
رهندو آيو آهي. انهيءَ ڪري انهن جي موجوده صورتحال مان
اسين چڱيءَ پر معلوم ڪري سگهنداسين ته انهن جو ان وقت ڪهڙو
حال هو. سنڌ ۾ جديد نموني جي صنعتي تنظيم خيرڪا آهي—
۽ اڄ به ننڍا شهر ۽ ڳوٺڙا ئي صنعتي ڪارگذارين جا مرڪز آهن.
اسين سنڌ ۾ اڄ به هٿ جي هنر (يا دستڪاري) واري منزل تي
آهيون. سترهين ۽ ارڙهين صديءَ وارو زمانو سڄيءَ دنيا لاءِ
هٿ جي هنرن يا دستڪاريءَ جو دور هو. مغرب ۾ ۽
خود هندستان جي ڪن حصن ۾ صنعت ۾ هڪ انقلاب پيدا ٿي
چڪو آهي، پر سنڌ ۾ ائين نه آهي، ۽ انهيءَ ڪري اسين انهيءَ
نتيجي تي پهچون ٿا ته جائزي هيٺ آيل دور ۾ سنڌ ۾ صنعتي
صورتحال اهائي هئي، جيڪا يورپ ۾ عهد وسطيٰ ۾ هئي.
ڪاريگر پنهنجن هٿن سان ڪم ڪندو هو، سندس ڪٽنب جا ڀيا
ڀاتي ڪيس انهيءَ ۾ مدد ڪندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڌيڪ
پورهيت به رکندو هو— ۽ انهيءَ سڄي صنعتي تنظيم جو ايڪو
(يا مرڪز) ڪٽنب ئي هوندو هو، جنهن لاءِ گهڻن ئي لکندڙن
ٺٽي، نصرپور ۽ سيوهڻ جي سوٽي ڪپڙي جي صنعت جو ذڪر
ڪندي حوالا ڏنا آهن. هو لکن ٿا ته ٺٽي ۽ نصرپور ۾ سوٽي
ڪپڙي جي آڏاڻن تي ٽن هزارن کان به وڌيڪ ڪٽنب ڪم ڪندا
هئا— ۽ سيوهڻ ۾ الڪل هڪ هزار ڪٽنب ڪم ڪندا هئا.
ڪاريگر يا ته پنهنجي گهرن ۾ ڪندا هئا، يا انهن وڏين ڪشادين
جاين ۾ ڪم ڪندا هئا، جيڪي آڏاڻن جا مالڪ انهيءَ مقصد لاءِ
مسواڙ تي وٺندا هئا. ڪارخانا يا وڏا صنعتي ادارا ڪين هوندا
هئا. جيتوڻيڪ ”برنير“ مغلن جي دور ۾ ڪارخانن موجود هجڻ
جو ذڪر ڪري ٿو، پر اهي سنڌ ۾ ڪين هئا. اليگزينڊر برنس
١٨٣٧ع ۾ لکي ٿو ته ”هتي ڪم وڏين فئڪٽرين يا ڪارخانن

## آمدرفت جي سلامتي

آمدرفت جي سلامتيءَ جو درجو شهر شهر ۾ مختلف هو، ۽ وقت وقت تي بدلجندو ٿي رهيو. سلامتيءَ جو گهڻو دارومدار وقت جي مقامي حڪومت جي انتظامي طاقت تي منحصر هو. ان وقت جي لکندڙن جي بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته رستن تي سلامتي ڪانه هئي، ۽ چورن ڌاڙيلن جو گهڻو ڊپ ڊاءُ هوندو هو. وٿنگٽن کي احمدآباد کان ٺٽي جي رستي تي بار بار اهڙو تلخ تجربو درپيش آيو هو: ڪيترا ڀيرا ڌاڙيل سمورو مال متاع ڦري، پاجامي کان سواءِ بدن جا باقي ڪپڙا به ڪڍي ويس.(١)

پر ائين نه سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جي حاڪمن اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ ڪي اپاءُ ڪين ٿي ورتا. خود وٿنگٽن به ذڪر ڪيو آهي ته انهيءَ مصيبت جي پاڙ پٽڻ لاءِ مغل بادشاهن چڱا اپاءُ ورتا هئا.(٢) ساڳيءَ طرح هئملٽن به ٻڌائي ٿو ته ”ٺٽي جي گورنر شهر کان ڇهه ميل پري انهيءَ ڪري اچي ڪئمپ لڳائي هئي ته جيئن ڪن بلوچن ۽ مڪرانين کي قافلي ڦرڻ ۽ سنڌس ماڻهو مارڻ لاءِ سزا ڏئي.“(٣)

سڄي ملڪ ۾ خشڪي رستن جون مسافريون برابر خطرناڪ ۽ جوکم واريون هونديون هيون، ڪنهن. مضبوط پهري کان سواءِ ڪوبه ماڻهو سفر لاءِ ڪين اسهندو هو. هئملٽن (١٦٩٩ع) ۾ پاڻ سان ٻن سون گهوڙيسوار سپاهين جو هڪ دستو ڪنيو هو، ۽ جيتوڻيڪ هن کي ڦورن جي ٽوليءَ سان مقابلو ڪرڻو پيو، پر سندس محافظ ڦورن تي غالب پئجي ويا، ۽ هو صحيح سلامت پنهنجي منزل تي اچي پهتو.(٤) پر هو لکي ٿو ته هن جي پهچڻ

---

(١) پرچاز، جلد ٤، ص ١٦٩
(٢) ايضاً، ص ١٧١
(٣) هئملٽن، ص ٧٣
(٤) ايضاً، ص

بي‌انداز خزانو اچي ٿي ڳڏ ٿيو- ۽ سنڌ جو ان ۾ موچارو حصو هوندو هو.

## (٢) صنعتي انقلاب

ايندڙ سالن ۾ (١٧٦٠-١٨٣٠ع) انگلنڊ جي صنعتي زندگيءَ ۾ هڪ نئين تجربي جي ڪري بنيادي انقلاب اچي ويو، جنهن کي "صنعتي انقلاب" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جي اچڻ سان هندستان جي ڪپڙي جي صنعت کي نين نين چيزن- مشنري، سستي پاور جي استعمال، رسل و رسائل جي سهوليتن ۽ نين ايجادن جو مقابلو ڪرڻو پيو، جن جي ڪري پيداوار ججهي، سستي ۽ سهنج واري ٿي پئي هئي.

هندستان جي صنعت پنهنجي پراڻن اوزارن ۽ پيداوار جي گهرو سرشتي جي ڪري مشين ۽ ڪارخانن جي پيداوار سان مقابلو ڪري نه سگهي، ۽ ترت ئي هندستاني پيداوار ٻاهرين مارڪيٽن مان تڙجي ويئي. درحقيقت سڄيءَ دنيا جي مارڪيٽ تي دسترس رکندڙ ۽ ڪپڙي جي برآمد ڪندڙ هندستان مرڳو سوٽي ڪپڙي جي درآمد ڪندڙ ملڪ بنجي پيو- ۽ ملڪ جي ٻين حصن سان گڏ، سنڌ جي بخت سان به ساڳي حالت ٿي. هوندن جو سنڌ ملڪ جي وڏن شهرن ۾ هزارها ڪوري ۽ مزور پيا مال تيار ڪندا هئا، سي هاڻي گذريل زماني جي اوج جي ياد باقي رکڻ لاءِ يا نشانيءَ خاطر ڪي ڳاڻ ڳيا وڃي رهيا.

## اندروني اسباب

پر برطانوي صنعت جي اوسرڻي سنڌ جي آسودگيءَ جي تنزل جو اڪيلو سبب نه هئي. سياسي بي آراميءَ، گهرو لڙاين ۽ ٻاهرين حملن به سنڌ جي مقامي صنعت کي وڏيڪ ڌڪ هنيو. آقي باقي جيڪو هنرن جي سرپرستي ڪرڻ وارو امبرن امرائن جو طبقو هو اهو ختم ٿي ويو، ۽ ان کان سواءِ حاڪمن جي ڪوتاه نظريءَ ۽ ڪٽرپڻي واريءَ نيتيءَ ۽ سندن انهيءَ عقيدي ته خزاني کي ڀر رکڻ

۽ ضلعي ۾ ڪي ٻه ٽه اهڙا زميندار ملي سگهندا جي 'درمهيني' ۾ هزار رپيا خرچ ڪري سگهندا هجن. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته هو 'غربت' ۾ گذارين ٿا، سندن نوڪرن چاڪرن کي تن تي ڪو سٺو ڪپڙو ئي ڪونهي."(۱) ڪو عجب ڪونهي جو اهڙين حالتن ۾ سنڌ جي صنعت ۽ هنر جو زوال ۽ تباهي آئي.

## زرعي تنزل

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي راڄ جي دورن ۾ زراعت جي تنزل جو ذڪر اڳيئي ڪري آيا آهيون-زراعت جي انهيءَ تنزل جو صنعت ۽ واپار تي نهايت تباه ڪن اثر ٿيو.

هڪ چيني فيلسوف جو قول آهي ته "ڪنهن قوم جي ڀلائي ۽ بهبودي هڪ وڻ مثل آهي: زراعت انهيءَ جي پاڙ آهي، صنعت ۽ واپار سندس ٽاريون ۽ پن آهن: جيڪڏهن پاڙ کي ڪو چيهو رسيو ته پن ڇڻي ويندا، ٽاريون ڀڃي ڪري پونديون ۽ وڻ ناس ٿي ويندو." يقيني آهي ته سنڌ ۾ ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري جيڪو زرعي زوال ۽ تنزل شروع ٿيو، واپار ۽ صنعت تي ان جو لازمي طرح نهايت خراب ردعمل ٿيو هوندو.

اهي هئا سبب، جن سنڌ جي صنعت ۽ واپار جو زوال آندو.

---

(۱) مئڪمرڊونالڊ، رپورٽ آن روهڙي ڊسٽرڪٽ، ص ۲۷

# باب اٺون

## آدمشماري — تعداد

جنهن دور جو اسين اڀياس ڪري آيا آهيون، ان ۾ سنڌ جي آباديءَ جو ڪاٿو ڪنهن صحيح حد تائين ڪرڻ نهايت مشڪل آهي. سنڌ جي ماڻهن جي سماجي ۽ معاشي زندگيءَ جو اهڙو اعتبارجوڳو رڪارڊ به موجود ڪونهي، جنهن مان اسان کي رهبري ملي. ”آدمشماريءَ لفظ مان جيڪو مفهوم اسين موجوده وقت ۾ وٺون ٿا، انهيءَ قسم جي ڪابه ڳڻپ يا آدمشماري سترهين توڙي ارڙهين صديءَ ۾ ڪانه ٿي هئي؛ البت، ٽالپرن پنهنجي وقت ۾ ’متڪي‘ يا ماڻهوءَ پٺيان محصول قائم ڪري ماڻهن جي ڳڻپ ۽ آدمشماريءَ جو هڪ اڻ رٽائتو سرشتو قائم ڪيو، جنهن کي ”خانه شماري“(١) يا ”سرشماري“ سڏيو ويندو هو، ۽ جنهن موجب گهرن يا فردن جي ڳڻپ ٿيندي هئي. مردن، زالن ۽ سمجهه لائق ٻارن - سڀني کي اهو محصول ڀرڻو پوندو هو، ۽ گهر جو هرهڪ ڀاتي ٻئي ڀاتيءَ جو ضامن هوندو هو. انهيءَ طرح، جيڪي به ماڻهو اهو محصول ڀريندا هئا، انهن جي تعداد جو رڪارڊ موجود هوندو هو — پر جيئن ته انهيءَ ۾ بلوچ سردارن ۽ سپاهين جي هڪ وڏي تعداد، ۽ ٻين وڏن زميندارن، اميرن، سرڪاري ڪامورن ۽ مذهبي ماڻهن تان اهو محصول معاف هوندو هو،(٢) انهيءَ ڪري اهو رڪارڊ، ملڪ جي آدمشماريءَ جو ڪو اعتبارجوڳو رڪارڊ نه ٿي سگهندو. ٽالپر حڪمران ڪوشش ڪندا هئا ته انهيءَ محصول جي گهٽي ۾ گهٽي وصولي ٿيندي رهي، ان ڪري ڪيترن اهڙن جا نالا به دفتر تي موجود هوندا هئا، جيڪي فوت ٿي ويل هوندا هئا. انهن ڳالهين

---

(١) برٽن، ”ريسز انڊ ٽرائيبس“، باب ٢

(٢) ايضا

جي ڪري سندن انھيءَ 'ماڻھوءَ - شماريءَ' کي ڪابہ وقعت ۽ اھميت ڏيئي نہ ٿي سگھجي. پر انھن اڻ پورين ڪٿين جو دفتر بہ جيئن ھو تيئن اڄ ڪونہ ٿو ملي، انھيءَ ڪري اھڙي ڪندڙن جي رھبري ڪرڻ لاءِ ڪائي چيز باقي نہ آھي. مقامي مؤرخ بہ سنڌ جي آدمشماريءَ جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ ٿا ڪن؛ ۽ يورپي سياحن ۽ واپارين بہ پنھنجي احوالن ۾ اھڙو ذڪر ڪونہ ڪيو آھي، جنھن مان ڪا وزندار مدد ملي سگھي.

## پاڱو پھريون

## ٽالپرن جي ڏينھن ۾ آدمشماريءَ جو تعداد

جڏھن اسين اوڻيھين صديءَ جي اڀياس تي پھچون ٿا، فقط تڏھن ئي اسان کي انگريز آفيسرن ۽ ايجنٽن جي بيانن مان ڪجھہ پتو پوي ٿو تہ ١٨٤٣ع ۾ انگريزي راڄ سان صوبي کي ملائڻ وقت سنڌ ۾ آدمشماري ڪيتري ھئي. پر اھو تہ ظاھر آھي تہ ھنن جو تخمينو ڪو بلڪل صحيح ٿي نہ ٿي سگھيو. برٽن لکي ٿو تہ ”اسان کي ڪنھن نہ ڪنھن ڪيل ملڪ جي شھرن ۽ ڳوٺن ۾ رھندڙ ماڻھن جي تعداد جي ڪنھن صحيح تخميني لڳائڻ ۾ ڪافي ڏکيائي محسوس ٿئي ٿي. ھڪ تہ ماڻھو پنھنجي ڪٽنب جي ڀاتين جا نالا ڏيڻ پسند ڪين ٿا ڪن - ۽ ھو سمجھن ٿا تہ حڪومت شايد سندن خلاف ڪا سازش سٽي رھي آھي؛ ٻيو تہ ھنن ۾ ھڪ عجيب وھم بہ آھي تہ ماڻھن جي ڳڻپ ڪرڻ ھڪ غرور ۽ وڏائي آھي - ۽ اھا ڳڻپ ظاھر ڪرڻ خدا جي غضب ۽ ڪاوڙ کي ھٿ وٺي دعوت ڏيڻي آھي.“ (١)

---

(١) ايضاً، باب ٻئي جو نوٽ نمبر ١٨

البت هڪ بيجا ڪُليو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته مغلن ۽ ڪلهوڙن جي وقت ۾ سنڌ جي آدمشماري ڏهن لکن جي اردگرد ٿي بيٺي رهي، يا ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ واري وقت جيتري ئي هئي. ڊاڪٽر سورلي چوي ٿو ته ”ان مان بي ڪنڪي اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته مغلن ۽ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ آدمشماري ڏهن لکن کان مٿي يا اڄڪلهه جي آدمشماري؛ جي چوٿين حصي کان گهٽ بلڪل ڪانه هوندي. اڄ آدمشماريءَ جو جيڪو تفاوت آهي، ان جو سبب انگريزن جي صوبي ملائڻ کان پوءِ آبپاشيءَ ۾ آيل واڌاري کي ئي ٺهرائي سگهجي ٿو. ائين ٿو ڀانئجي ته مغلن ۽ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي آدمشماريءَ ۾ ڪنهن به نمايان حد تائين ڪابه تبديلي نه آئي -(١) ۽ ان لاءِ سبب هو ته آبپاشيءَ جي ذريعن ۾ به ڪا ڦير گهير نه ٿي هئي.“ ڊاڪٽر سورلي جي انهيءَ بيان ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن، جي جواب طلب آهن. ڊاڪٽر سورلي جيڪي رايا ظاهر ڪيا آهن ته مغلن ۽ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ آدمشماريءَ ۾ ڪنهن حد تائين ڪابه تبديلي نه آئي؛ ۽ ڇاڪاڻ ته آبپاشيءَ ۾ ڪا تبديلي نه آئي، انڪري آدمشماري ڪنهن به صورت ۾ ڏهن لکن کان مٿي نه هوندي — اهي نهايت غلط نتيجن تي پهچائيندڙ ٿا، ۽ جن تي مقامي توڙي همعصر لکندڙن جي احوالن ۽ شاهدين جي ڪائي تائيد حاصل نه آهي. ايندڙ صفحن ۾ اسين ثابت ڪنداسون ته سندس رايا نهايت غير مصدقه بنيادن تي مبني آهن.

---

(١) ڪمشنر ان سنڌ، ”پري ميوٽني رڪارڊس“، انتخاب ٢، ص ٢

## انگن جي چڪاس

### فهرست نمبر ١ (١)

### سنڌ (خيرپور سميت) جي آدمشماري

| سال | ڏوتل | واڌ (+) گهٽ (—) |
|---|---|---|
| ١٨٥٦ | ١٨٨٢٥٠٢ (٢) | ———— |
| ١٨٧٢ | ٢٣٣٣٥٢٧ | + ٢٤ سيڪڙو |
| ١٨٨١ | ٢٥٤٢٩٧٦ | + ٩ سيڪڙو |
| ١٨٩١ | ٣٠٠٣٧١١ | — ١٨٫١ ” |
| ١٩٠١ | ٣٤١٠٢٢٣ | + ١٣٫٥ ” |
| ١٩١١ | ٣٧٣٧٢٢٣ | + ٩٫٦ ” |
| ١٩٢١ | ٣٤٧٢٥٠٨ | — ٧٫١ ” |
| ١٩٣١ | ٤١١٤٢٥٣ | + ١٨٫٥ ” |
| ١٩٤١ | ٤٨٤٠٧٩٥ | + ١٧٫٦ ” |

(١) ”سينسس رپورٽس، بامبي“، جلد ٩ A (١٩٠١)، جلد ٨، ١٩٣١، سنڌ، ١٩٤١ع.

(٢) هيوز، ”گزيٽر“. ١٨٥٦ع ۾ انگريزن جي قبضي هيٺ جيڪي سنڌ جا ضلعا هئا، انهن جي آدمشماري ١٧٧٢٣٦٧ هئي، ۽ خيرپور، مقامي رياست جي آدمشماري ١٠٨١٣٥ هئي. ان طرح ڪل آدمشماري ١٨٨٠٥٠٢ ٿيندي، ۽ نه ١٨٤٢٠٣٥، جيئن هيوز لکي ٿو.

## (۱) شهري آدمشماري

سڀ کان اول شهرن ۾ ڪهڙن جي آدمشماريءَ جي سوال کي هٿ ۾ کڻڻ سهولت ڀريو ٿيندو، جو انهن بابت ڪي انگ اکر ملي سگهن ٿا.

ٿارنٽن پنهنجي گزيٽئر ۾، انگريزن جي فتح وقت سنڌ جي مکيه شهرن جي آدمشماريءَ جا هيٺيان انگ اکر ڄاڻايا آهن، ۽ جن جو ٽوٽل ۱۵۱۰۰۰ ٿئي ٿو:

فهرست نمبر ۲ (۱)

| | | |
|---|---|---|
| شڪارپور | ..................... | ۳۰۰۰۰ |
| حيدرآباد | ..................... | ۲۰۰۰۰ |
| ڪراچي | ..................... | ۱۵۰۰۰ |
| خيرپور | ..................... | ۱۵۰۰۰ |
| ٺٽو | ..................... | ۱۲۰۰۰ |
| ميرپور خاص | ..................... | ۱۰۰۰۰ |
| لاڙڪاڻو | ..................... | ۱۰۰۰۰ |
| هالا | ..................... | ۱۰۰۰۰ |
| روهڙي | ..................... | ۸۰۰۰ |
| مٽياري | ..................... | ۵۰۰۰ |
| ٽنڊو الهيار | ..................... | ۵۰۰۰ |
| سکر | ..................... | ۴۰۰۰ |
| گمبٽ | ..................... | ۳۰۰۰ |
| سيوهڻ | ..................... | ۲۰۰۰ |
| لاڙجهند | ..................... | ۲۰۰۰ |

ٽوٽل ۱،۵۱،۰۰۰

(۱) ٿارنٽن، جلد ۲، ص ۲۲۵

١٨٨١ع واري آدمشماريءَ کان اڳ ۾ سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺاڻي آدمشماريءَ جي ورڇ جو ڪو رڪارڊ موجود ڪونهي. البت ان کان پوءِ جا انگ هيٺينءَ ريت آهن:

فهرست نمبر ٣

## سنڌ جي شهري، ڳوٺاڻي ۽ جملي آدمشماري

| سال | شهري | ڳوٺاڻي | ٽوٽل | شهري آدمشماري ٽوٽل جو سيڪڙو |
|---|---|---|---|---|
| ١٨٨١ | ٢٦٠٨٤٢ | ٢٢٨٢١٣٤ | ٢٥٤٢٩٧٦ | ١٠٫٣ |
| ١٨٩١ | ٣٤٥٥٤٤ | ٢٦٥٨٩٦٧ | ٣٠٠٣٧١١ | ١١٫٥ |
| ١٩٠١ | ٤٠٨٥٦٣ | ٣٠٠١٦٦٠ | ٣٤١٠٢٢٣ | ١٫٩ |
| ١٩١١ | ٤٦٦٨٩٥ | ٣٢٧٠٣٢٨ | ٣٧٣٧٢٢٣ | ١٢٫٥ |
| ١٩٢١ | ٥٦١٤١٩ | ٢٩١١٠٨٩ | ٣٤٧٢٥٠٨ | ١٦٫٢ |
| ١٩٣١ | ٧١٧١٧٥ | ٣٣٩٧٠٧٨ | ٤١١٤٢٥٣ | ١٧٫٤ |
| ١٩٤١ | ٩١٤١٠٦ | ٣٩٢٦٦٨٩ | ٤٨٤٠٧٩٥ | ١٨٫٩ |

١٩١١ع تائين مٿيان انگ ڏيکارين ٿا ته سنڌ جي شهري آدمشماري ١٠٫٣ سيڪڙي کان ١٢٫٥ سيڪڙي تائين ڦرندي گهرندي رهي، ۽ اهو غير يقيني آهي ته شهري آدمشماريءَ جي انهيءَ نسبت ۾ اڳين چاليهن سالن جي دوران ۾ ڪا گهٽيءَ حد تائين بدل سدل ٿي هوندي.

جيڪڏهن سنڌ جي جملي آدمشماريءَ منجهان شهري آدمشماريءَ

تعداد ايتريءَ حد تائين وڌندو، جو ”آدمشماريءَ جي حد کان ٻاهر وڃي“ ٿي پوي، تڏهن فطرت وري تخريبي طاقتن سان پاڻ کي نروار ڪري ٿي: ٻيلا ناس ٿيڻ لڳن ٿا، زمين جي ڪاٽ ۽ سر پنهنجي سمورن نقصانن سان ظاهر ٿين ٿيون، ۽ نتيجي طور گهوٽائي آدمشماري گهٽجڻ لڳي ٿي.(١)

انهيءَ طرح سنڌ جهڙي بنيادي طور زرعي ملڪ ۾ پوک جي انداز ۽ آدمشماريءَ جي گهاٽاڻ ۾ هڪ پڪي پختي ۽ نمان نسبت آهي. ٻيون چيزون — زمين، آب هوا، آبپاشيءَ جو سرشتو ۽ پوک جا طريقا — ساڳيون رهن ته پوءِ پوک جي گهاٽائي، آدمشماريءَ جي گهاٽائي ظاهر ڪندي ۽ آدمشماريءَ جي گهاٽائي، پوک جي گهاٽائيءَ کي ظاهر ڪندي.

پوک جي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ١٨٥٩-٦٠ع کان اڳ جو ڪوبه رڪارڊ موجود نه آهي ۽ انهيءَ سال ۾ پوک هيٺ ايراضي الڪل ١٢٤٦٩ لک ايڪڙ هئي،(٢) ۽ اسان جي تخمينن موجب ١٨۴٣ع ۾ انگريزن جي فتح وقت، پوک هيٺ زمين الڪل ١٠ لک ايڪڙ هئي.(٣) ١٨٧٣ع کان وٺي، پوک جي انگن اکرن جو مڪمل رڪارڊ موجود آهي؛ ۽ انهن انگن اکرن کي ان دور جي آدمشماريءَ جي انگن سان ڀيٽڻ دلچسپيءَ کان خالي نه آهي.

---

(١) گنڪولي، ص ١٢
(٢) هيوز، ”گزيٽيئر“، ص ١١
(٣) ڏسو باب ٥

فهرست نمبر ٤

## جملي آدمشماريءَ سان پوک هيٺ آيل ايراضيءَ جي نسبت

| سال | جملي آدمشماري (لکن ۾) (١) | پوک هيٺ آيل سرلسري ايراضي (لکن ايڪڙن ۾) ٢ | پوک في ايڪڙ ماڻهن جو تعداد |
|---|---|---|---|
| ١٨٥٦ع | ١٨٤٨٢ | انڪل ١٢٤٠٠ | ١٤٦ |
| ١٨٦٢ع | ٢٢٤٣٤ | ١٤٤٠٠ | ١٤٧ |
| ١٨٨١ع | ٢٥٤٤٢ | ١٤٤٧٨ | ١٤٧ |
| ١٨٩١ع | ٣٠٤٦٣ | ١٨٤٧٠ | ١٤٦ |
| ١٩٠١ع | ٣٤٤١٠ | ٢٤٤٨٧ | ١٤٤ |
| ١٩١١ع | ٣٧٤٣٧ | ٣١٤٥٠ | ١٤٢ |

جملي سراسري ـ آدمشماري
——————— = ١٤٥
ايڪڙ

---

(١) هيوز "گزيٽئر"، ص ٩٧، سينسس رپورٽ ١٩٠١، جلد ١٩، فهرست ٢، ص ٦

(٢) ڊسو "پٽريبج سيٽلمينٽ رپورٽ"، جلد ١، ص ص ٤ ٥

ٿٽي ٿو ته چوڏهين صديءَ ۾ ”ٺٽي جو علائقو بن حصن ۾ ورهايل هو، ........ ۽ ٻئي حصا بي شمار ۽ لڙاڪو ماڻهن سان وسيل هئا.“ ۽ ”هن پاسي (ايرندي پاسي) بي‌انداز ڳوٺ وسيل هئا.“(١) هيگ، جنهن هن بيان جو حوالو ڏنو آهي، سو به انهيءَ جي تائيد ڪري ٿو ته سنڌ جو هيٺيون حصو (لاڙ)“ ان وقت چڱي آدمشماريءَ سان آباد هو.“(٢) ”تحفة‌الڪرام“ جو مصنف به اسان کي ٻڌائي ٿو ته چوڏهين صديءَ ۾ هيٺينءَ سنڌ (لاڙ) ۾ ايتري ته گهاٽي آدمشماري هئي، جو ”جڳهه ناڪافي هجڻ ڪري (سمن جي پهرين گادي ساموئيءَ ۾)، ٺٽي جو پايو وجهي ان کي تختگاهه بنايو ويو.“(٣) ساڳيءَ طرح ”تاريخ طاهري) وارو لکي ٿو ته سنڌ جي ٽن ناميارن شهرن — ساموئي، نغرآباد (جنهن کي ڪلان ڪوٽ به سڏيندا هئا) ۽ ٺٽي — کان سواء، ان وقت ٻيا به ڪيترائي وسندڙ شهر ۽ ڳوٺ آباد ٿيل لڳا.(٤) انهيءَ بيان جي تائيد ڊيوئارٽ باربوسا به ڪري ٿو، جو سورهين صديءَ جي شروع ۾ لکندي ٻڌائي ٿو ته ”دريا (سنڌو) جي ڪناري تي ڪيترائي شاهوڪار ۽ آباد لنگرگاهه وسيل آهن.“(٥) مانريق (١٦٤١ع) ۾ ٻڌائي ٿو ته سيوهڻ کان ٺٽي، ملڪ جي ٿوري حصي (ڏيڍ ڏينهن جي مسافريءَ جي فاصلي) کان سواء سمورو ملڪ زرعي طرح نهايت آباد ۽ آدمشماريءَ جي لحاظ کان نهايت وسيل هو.(٦)

هو لکي ٿو ته ”بکر کان اسان سفر شروع ڪيو، ۽

(١) ايليٽ، جلد ٽيون، ص ص ٣٢٢، ٣٣٠

(٢) هيگ، ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“، ص ٨٠

(٣) حوالو، هيگ — ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“، ٧٦

(٤) ايليٽ، جلد پهريون، ص ٢٧٢

(٥) باربوسا، ص ص ١٠٦-١٠٧

(٦) مانريق، جلد ٢، ص ٢٢٣

جتان جتان ٿي لنگهياسون، اتي وسيل ڪوٽ ۽ پوکيل ڪنارا نظر ٿي آيا."(١) اڳتي هلي چوي ٿو ته "(ميوهڻ وٽ) محصول گهر ڪان بنا ڪنهن تڪليف جي لنگهي، اسان وري پنهنجو سفر شروع ڪيو، ۽ هروقت اسان کي ماڻهن ۽ ٻوڪن اسان وسيل ۽ آباد زمينون نظر آيون، تان جو چوٿين ڏينهن اسين ٺٽي شهر ۾ پهتاسين ....... ٺٽي شهر کان نڪري، مسلسل نئين ۽ وسيل ملڪ مان منزلون هڻندي، ستين ڏينهن اسين 'مارون' شهر (شايد عمرڪوٽ) پهتاسون."(٢)

مغلن ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي زرعي، شهري، صنعتي ۽ واپاري خوشحاليءَ جي عام حالتن لاءِ به اسان کي ڪيترائي بيان ۽ حوالا ملن ٿا، جن جو ذڪر اڳي ئي ڪري آيا آهيون. اسان ڏسي چڪا آهيون ته سنڌ ان وقت هڪ خوشحال ملڪ هو: منجهس وڏا ۽ وسندڙ شهر هئا، وڌندڙ ۽ وسندڙ زراعت هئي، ۽ ترقي يافته صنعتن سان گڏ ديسان ديس پکڙيل واپار هو. ساڳئي وقت، اسان کي سنڌ جي مالي پيدائش جا حوالا به ملن ٿا: ۽ ان حقيقت جو به بيان موجود آهي ته نادرشاهه جي حملي کان پوءِ سنڌ کي سالبانو ويهه لک ڊل ڀرڻي پوندي هئي ـ جا ان وقت جي لحاظ کان هڪ ڳري رقم هئي.

اهي سموريون حقيقتون انهيءَ نتيجي تي پهچائين ٿيون ته مغلن ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي آدمشماري ڪافي گهڻي هوندي، ۽ آخري ڪلهوڙن، ۽ سنڌ جا نشين ٽالپرن جي ڏينهن جي آدمشماريءَ کان به گهڻي وڌيڪ هوندي. البت ان ڳالهه جي سچ کي وڌيڪ پرکڻ لاءِ اسان کي ٻين ٻن ڳالهين جو پڻ اڀياس ڪرڻو پوندو ـــ (١) ٻوڪ هيٺ ايراضي، ۽ (٢) شهري آدمشماري: ٽيون ڳالهه يعني فوجي طاقت جا ڪي به انگ اکر موجود ئي ڪونه آهن.

---

(١) مانريق، جلد ٢، ص ٢٣٣

(٢) ايضاً، ص ٢٤١

هوند پوري ڪانہ ٻوي!" (١) اسان کي ٿارنٽن کان بہ پتو پوي ٿو تہ ٺٽي جا ڪيترائي گھر "ٽہ - ماڙ يا چئن ماڙين سان آهن." (٢)

انهيءَ مان اسين انهيءَ نتيجي تي پهچون ٿا تہ ان وقت ٺٽي جي آدمشماري اڍائي لکن کان ٽن لکن تائين جي حدڪان ڪنهن بہ طرح گھٽ نہ هئي. پنجاهہ سال پوءِ، اليگزينڊر هئملٽن (١٦٩٩ع)، جو بذات خود ٺٽي ۾ آيو هو، لکي ٿو تہ اهو "صوبي جو واپاري مرڪز ۽ هڪ نهايت وڏو ۽ آسودو شهر هو.......... اٽڪل ٽي ميل ڊگھو ۽ ڏيڍ ميل ويڪرو هو." (٣) اها اٽڪل ساڍا ۴ چورس ميل ايراضي ٿئي ٿي، ۽ جيڪڏهن اسين سنڌ يا هندستان جي ڪنهن بہ پراڻي شهر سان ان جي ڀيٽ ڪنداسون، تہ معلوم ٿيندو تہ ايتريءَ ساريءَ پکيڙ لاءِ اڍائي لکن کان ٽن لکن آدمشماريءَ جو تخمينو ڪنهن بہ طرح مبالغو نہ آهي. انهيءَ ڪري عجب اهو آهي تہ ٿارنٽن پنهنجي گزيٽئر (١٨۴۴ع) ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جنهن دور جو حوالو هئملٽن ڏنو آهي، ان دور ۾ ٺٽي جي آدمشماري فقط ڏيڍ لک هئي. (۴) اهو شايد انڪري ٿو ڀانئجي تہ اٽڪل ڏيڍ سو سال پوءِ لکندي، هو هڪ اهڙي قديم شهر جي پکيڙ، آسودگيءَ ۽ آدمشماريءَ جي گھٽائيءَ جو پوريءَ طرح قدر سڃاڻي ڪين سگھيو، جو سندس وقت ۾ بنهہ زبون حالت ۾ هو. هن اهو نتيجو شايد هئملٽن جي هن بيان جي غلط فهميءَ مان ڪڍيو آهي تہ هن جي ٺٽي اچڻ کان ٿوروئي اڳ، پليگ جي موتمار وبا اچي منهن ڪڍيو هو، جنهن "ٺٽي ۽ سندس آسپاس جي علائقي ۾ ايتري تہ تباهي آندي، جو رڳو شهر

---

(١) انٽونيو بوڪارو جي سنڌ جي احوال جو ترجمو- ميٽرس مڻ، جي. ايس. ايچ. ايس، جلد ٢، ڀاڱو ۴، ص ٢۴

(٢) ٿارنٽن، "گزيٽيئر"، جلد ٢، ص ٢٦٧

(٣) هئملٽن، "اڪائونٽ آف دي ايسٽ انڊيز، ص ٧٥

(۴) ٿارنٽن، "گزيٽئر"، جلد ٢، ص ٢٦٨

۽ ڏڦير جو دور هو. ٻوين ڪلهوڙن جو مسلسل گهرو لڙائيون؛ داٿود ٻوٽن، ٽالپرن ۽ ڪڇ جي حاڪمن سان مونمار چڪريون؛ نادرشاه، احمدشاه ابدالي، زمان شاه، مدد خان ۽ ٻين جون ڪاهون؛ سنڌ جي سمورين صنعتن ۽ واپار جو زوال؛ دريا جي وهڪري جون تباه ڪن ڦيريون گهيريون؛ ٺٽي ۽ ٻين مکيه شهرن جو زوال ۽ لڏپلاڻ؛ اڻلڌڙ وبائون، ڏڪار ۽ ٻوڏون؛ ٽالپرن جا ظلم ۽ سندن حڪومت جي بدانتظامي - آبپاشيءَ کي نظرانداز ڪرڻ، ۽ زرخيز زمين کي شڪارگاهن ۾ تبديل ڪرڻ -؛ ٽالپرن جي ڏاڍاين جي ڪري هندن جي لڏپلاڻ وغيره - اهي سمورئون ڳالهيون جيڪڏهن آدمشماريءَ کي گهٽائڻ جو سبب نه بنجن ته اهو هوند عجيب واقعو ٿي پوي!

---

